Makkay Jee Fath by Makhdoom Abdullah Naraee waaro

edited by Dr Memon Abdul Majeed Sindhi

مڪي جي فتح

مخدوم عبدالله نرئي وارو

مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

(مهراڻ سه ماهي (سيرت نمبر: 1980، شمارو 3 ۽ 4)

مخدوم عبدالله نرئي وارو وڏو عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. هن اسلامي تاريخ، اسلامي تعليم ۽ اخلاقيات تي سنڌي ۾ الف اشباع واري نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. انهن ۾ هڪ ڪتاب ۾ نبي سردارﷺ جي سيرت پاڪ تفصيل سان بيان ڪئي اٿس. سنڌي زبان جو هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سيرت پاڪ تفصيل سان بيان ڪيل آهي. هن کان اڳ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو ڪتاب قوت العاشقين ملي ٿو، جنهن ۾ الف اشباع جي نظم معجزا منظوم ڪيل آهن.

مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي هي ڪتاب محققانه انداز ۾ لکيو آهي، ۽ حوالي طور ڪتابن جا نالا به ڄاڻايا اٿس. جن ڪتابن جا نالا ڏنا اٿس، اهي گهٽي قدر هيءُ آهن:

1- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو سيرت پاڪ تي عربي زبان ۾ لکيل ڪتاب”بذل القوة“

2- واقدي جو نقايہ الاثر

3- حبيب السير

4- زرقاني جو شرح مواهب

5- تهذيب التهذيب:حافظ ابن حجر عسقلاني

6- سيرت شامي

7- صحيح بخاري

8- مسند امام احمد

9- دلائل النبوة، بيهقي

10- سيرت ڪبير، طبراني

11- قسطلاني جو شرح صحيح بخاري.

12- تفسير مدارڪ

13- مسند امام اعظم

14- خزانة الاڪمل

15- فتح الباري

16- شرح مشڪواة:علي قاري

انهن کان سواءِ معلوم ٿئي ٿو ته ٻيا به ڪتاب سندس سامهون رهيا. جهڙوڪ:

1- سيرت ابن هشام

2- تاريخ طبري

3- طبقات ابن سعد

البته معلوم ائين ٿو ٿئي، ته گهڻي قدر مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب”بذل القوة “ کي بنياد بڻايو اٿس. مخدوم صاحب جي هن ڪتاب ۾ سيرت پاڪ جا واقعا سن وارا ڏنا ويا آهن. علمي دنيا ۾ سيرت پاڪ تي مخدوم صاحب جو هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ واحد ڪتاب آهي. هن نموني سن وار ڪنهن به عالم سيرت پاڪ تي ڪتاب ڪو نه لکيو آهي.

مخدوم عبدالله جو ھي سنڌي ڪتاب نه فقط قدامت جي لحاظ کان، پر مواد ۽ تحقيق جي لحاظ کان به وڏي اهميت رکي ٿو. سنڌي زبان جي اها خوش قسمتي ۽ خوش بختي آهي، ته برصغير ۾ سڀ کان پهريائين سيرت پاڪ تي ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيو ويو، يعني مخدوم عبدالله جي هن ڪتاب کان اڳ ۾ برصغير پاڪ و هند جي ڪنهن به زبان ۾ سيرت پاڪ تي ڪو به ڪتاب نه لکيو ويو.

اسان جي اها به خوش قسمتي آهي، ته سڀ کان پهريائين نبي ڪريمﷺ جا خط، سنڌ جي هڪ عالم ابو جعفر ديبلي”مڪاتيب النبي“ جي نالي سان گڏ ڪيا- ان ڪتاب جو قلمي مسودو اڄ به دنيا جي ڪن لائبريرين ۾ موجود آهي. برصغير پاڪ و هند ۾ عربي زبان ۾ سيرت پاڪ تي پهريون ڪتاب سنڌ جي نامور عالم حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي”بذل القوة“ جي نالي سان لکيو، جيڪو ترتيب توڙي تحقيق جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو.

بذل القوة(عربي) سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ضرورت آهي، ته ”مڪاتيب النبي“ به شايع ڪيو وڃي،

۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جو به مذڪور سنڌي ڪتاب به مرتب ڪرائي شايع ڪيو وڃي. هتي انهيءَ سنڌي ڪتاب مان”فتح مڪه“ وارو حصو مرتب ڪري ڏنو وڃي ٿو.

مرتب ڪرڻ وقت متن کي موجوده صورتخطيءَ ۾ رکيو ويو آهي. البته سنڌي زبان جو لهجو اهو ئي، اصل ڪتاب وارو قائم رکيو ويو آهي، ڪتاب جي ٻولي جو لهجو ڪڇي- لاڙي آهي، جنهن ۾ گهڻي قدر نون غنون نه هوندو آهي ۽ وسرڳ حرفن بدران وسرڳ حرف هوندا آهن- يعني/ لھ/ بدران /ل /، گھ/ بدران /گ /، /ڙھ /بدران /ڙ /، /نھ /بدران /ن / هوندو آهي. ان کان سواءِ ڪن لفظن جي اچار، صورت ۽ صوتي آهنگ ۾ به فرق هوندو آهي- ڪيترا اهڙا لفظ به هوندا آهن، جيڪي معياري لهجي ۾ عام طرح استعمال ڪو نه ٿا ٿين.

متن جي هيٺان حاشيءَ ۾ اهڙن لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي، جيڪي لاڙي ڪڇي لهجي سان مخصوص آهن.

م.ع.س

صفحو 15

فتح مڪه

۾ پنجيهون غزوة الفتح آهي جنگ تنين منجا
جنهن ۾ فتح مڪي معظمہ جي ڪئي پيغمبر خدا

اعظم فتح جا هئي منجھ دين اسلاما
غلبو ڦيو دين جو رهيو ڪفر وچا

هرگز رهيو نه حجاز ۾ ڪو ڪافر) (1پچا تها
جنءِ مارڻ مشرڪن سندو ٿئو حلال حضرت کا

منجه زمين سڳوري مڪي جي جت جنگ حرام آه
و انت حل بهذالبلد فرمائيو الله

ساٿي قريشن مڪي جي اُتي ان امرا
ته ڏهن ورهين مينءَ پاڻ ۾ جنگ نه ڪنداسون ڪا

تہ (1) ڪارڻ قريش خط پڻ لکائي وهيا
پارا پيغمبر ڪريم جي حضرت عليءَ هبا

) (2تان پي (3) بايهين مهينن موٽي قريش ڦرئا
عهد پڳائون پهجا بول صلح سندا

پڻ ڪنائون خزاعن سين موٿي قتالا
جي هوا پيغمبر ڪريم جي منجه امن ۽ عهدا

تنءَ مهيني شعبان ۾ سڻي خبر سان
مخفي مصلحت جنگ جي ڪئي، پيغمبر پاتشاهه

(4)پانئين ڪه (5)پر قريش تي وجهون اوچتا
ته ڪريهون قتال تن جنين عهد پڳا

(6)تيلانهه سيد (7) سپنهي (8) نڱئو مير مديني منجا
پڙهي نماز عصر جي اربعا جي ڏيها

ڏهين تاريخ سا هئي سندي رمضانا
۽ ڪنين بي ماهه چئي رمضان سندي سا

تن ڪلثوم پٽ حسن جو، جو صحابن منجا
سو (9) چوڪي ڪارڻ مديني جي عامل چڏي وهيا

۽ ابن اُم مڪتوم کي چڏئائون امامت لاءِ
ته (10) پٺ ۾ نماز جماعت سين پاڙهي ماڙين کا

تان پي چڙهي (11) چاڳلو نڱئو نبيءُ خدا
اذن سين الله جي ڏونهہ مڪي معظما

تن لشڪر رسول ڪريم سين ڏھ هزار هوا
جي ساٿن) (12هيڪاندا نڳئا مديني منجارا

تہ پچاڻا ٻہ هزار پڻ (1) ڪئين وجي (2) رسئا
تيلانہ مڪي معظم (3) سينءَ سپ ٻارا هزار ٿئا

پر منج تاريخ) (4وقوع جنگ جي آهي اختلافا
علماء ڪنين سترهين ماھ چئي رمضان سندي سا

جہ ڏينہ جنگ مڪي ۾ ڪئي پيغمبر خدا
۽ ڪنين اوڻيهين ماھ چئي ڪي ويهين چون ٿا

بذل القوه ۽ نقاية ۾ آڻي ٿو اها
پر جہ ڏينہ مڪو فتح ڪيو مير محمد شاھ

ڏينہ جمعي جو سو هئو سڪي ياد ڪجاھ
انهين پر زرقائيءَ فرمائيو منج شرح مواهبا

تن هلندي ظاهر حضرت هٿا ٿئا گهڻا معجزا
عبرت ٿئي عالم کي پسي جي پرتا

تن منجا هيڪڙو هيءُ معجزو سڪي ياد ڪجاھ
جنءِ جڏھ سنپوڙو سيد ٿي ڏونہ مڪي شريفا

پر اجا نڳئا نه هوا مديني منجارا
تڏه حاطب پٽ ابي بلتعة جو، جو صحابن منجا

هئو بدر جنگ ۾ جو حضرت سين همراه
تہ لکي مکي جي قريشين ڏونہ ڳجهي ڪتابتا

هن پر لکيائين تہ ۾ اهڙي حقيقتا
ته مرسل مکي معظم ڏونہ سيد (5) سنپورو آه

سو جي هوءِ هيڪلو ته پڻ ڪري فتحا
پر آهين لشڪر رسول سين گهڻا اپارا

سي ڪٽڪ ليٽندا آن مٿي اچي اوچتا
تيلانہ ڪندا قتال آن سين ۽ مال ڦريندا

آهي حقيقت ان پر هاڻ آئين چاڙو (6) مهندا ها
سا (7) هلائي قريشين ڏونہ حاطب (8) ڪتابتا

هٿا عورت هيڪڙي نالو جہ سارا
((9آجي ڪئل قريشن جي هئي عورت جا

تنءِ آيو جبرئيل) (1اًلهي آڳي جي پارا
آچي چيائين احمد چي يا رسول الله

هن پر ڪتابت اهڙي حاطب هلائي آه
ڏونہ قريشين مڪي جي مخفي آن ڪنا

سو خط گهرائي ونو ائين عورت فلاڻي کا
جا آهي فلاڻي باغ ۾ منج فلاڻي جاءِ

تان پئي پيغمبر ڪريم کي جڏھ سڀ (2) پروڙ سا
تڏھ حضرت علي ۽ مقداد بئو ٽئو حضرت زبيرا

تن سين هيڪاندا ڪري ڪي مرسل صحاب مڪا
چي: اهڙي پارين عورت جا منج باغ فلاڻي آه

تہ ڪنا ونئي اسان وٽ اچو اهڙي ڪتابتا
حاطب قريشين ڏونہ آهي هلائي جا

تن سارا پٺ ۾ سوار ٿي سي نڳئا صحابا
تان پي انهين باغ ۾ ڪٽيس اچي رسئا

آحمد ڏنو هئو ڪٽين ججهو اهجاٽا
تت پچڻ لڳا تہ عورت کي جان خط جي خبرا

تان منڪر ٿئي سا مهند اچي منکي خبر نه ڪا
تان ڪڍي ترار هڪل ڪئي جان علي شاه شجاع

تان عورت ٻڇي ڪيئي ماڳهين ڪتابتا
ويڙئي هئائين وارن ۾ جا مينڊين منجارا

ظاهر ٿئو معجزو سندو رسول خدا
تان پي آڻي احمد جام کي ڏنائون ڪتابتا

تان پڙهي پيغمبر خط سو ڪوٺئو حاطب کا
چي حاطب ڪرني اهڙيون ٻڇين نه ڏراء خدا

جن ڪري نفاق نبيءَ سين ڪافرن پڌرا
لڪئو لکين ٿو اسان ڪنان جن ڏونہ خط ڳجها

ڪين اسان ڪنا پڻ قريش اوء ٿئا توکي اوڏا
تڏه حاطب چيو حضرت کي چي يا رسول الله

منکي ڏجاه امن ائين آءُ آهيان ٻنن منجا
آگو شال ۾ ڪري منکي تن ئون مولا

جي ڪربن مٿو (1) آن ڪنا سنگ ڪو سيدا
مهجو عرض هي هئو منج ان ڪتابتا

جن هي جي صحابي سيئي آهن من ذارا
تن سيني جا مڪي ۾ آهن عزيز رهيا

جي پٺ ۾ ائين جي عيالن جيون ڪرون لهن ٿا
ته ڪري ڪفار تن کي ڪري نه سگهن ايذا

۽ مهجو پڻ عيال ات منج مڪي معظم آه
تر تنين جو مائٽ ناه ڪونڪو عزيزا

جن اصل اسين نه آهيون ساڪن مڪي جا
تيلاه پرڏيهين کي ڪو نه پڇي توڙي ٿين ايذا

ته ڪري محض من هٿ رکيو ئي ڪافرن تي آه
جان مان مهجي عيال کي ڪرين نه ايذا

ٻي نه هيم ڪا ڳالڙي منج هين ان ذارا
هاڻ ٿئي سپيئي من هٿا آئين مشفق ڪرهو مددا

ٿين سدائين سهوون اپوجهن ڪنا
پر عفو ڪرڻ عاصين کي ئي عادت آهنجي آه

تِن آهين شفيع ڏوهارين جو رحمت سندو دريا
من کي مهرسين پهچي ڪر هي معاف خطا

تڏه احمد عفو ڪيو سو حاطب کي گاه
تن اڳي مڪي ان باب ۾ هي آيت اپنئا

ياايهاالذين آمنوا لاتتخذوا عدوي
وعدو ڪم اولياءَ آگو ٿو فرماء

تان پي حضرت عمر عرض ڪيو چي:يا رسول الله
من ڪي جي موڪل ڏهو آئين احمدا

ته هڻي ترار حاطب کي هنڌ ڪريانس جان جدا
جہ ڪيو نفاق نبيءَ سين هلائي لڪئا

تان فائق فرمائيو فضل سين امير عمر کا(1)
چي: حاطب آهي تن منجا جي بدر منجھ هئا

وعدو جن سين مغفرت جو ڪيو آه الله
ته وڃي وڻيان تيئن ڪرئو ائين آهيو مرهاتا

اعلمواما شئتم فقد غفرت لڪم اي آگي فرمائيو آه
تان ته آءُ ڪيئن مارائيان تن کي مولي جي مرهيا

جن داخل نه ٿيندو دوزخ ۾ ڪو بدرين منجا
لن يدخل النار احد شهيد بدرا مرسل چيو مها

مسند ۾ امام احمد جي اي لفظ آهين لڪئا
تان پي جحفة ڪ ذوالحليفہ کي رسئو رسول خدا

احرام ڪارڻ آهين ٻئي جي ميقات مشهورا
تڏهه امير عباس اهل سين ڪٽين آئيو اڏا

جو هجرت ڪيو مديني ڏونهه ٿي آئيو مڪي کا
تن پسي ته کي فرمائيو پيغمبر خدا

چي پونيون مهاجرن منجان تن آهين اي چاچا
تان پي امير عباس موٽئو پيغمبر سين اتا

ۂ مڪائين مديني ڏونهه اهل عيالا
ته پچاٽان گڏئو حضرت سين اچي منج ابواء

ابو سفيان پٽ حارث جو پوٽو عبدالمطلبا
جو سڳي چاچي پٽ سيد جو پڻ هئو رضائي پاءُ

جن ٻنين پيتو کير هئو سندو بي بي حليما
ته ابو سفيان پڇئو امير علي ڪنا

چي من تان پيغمبر ڪريم جا ججها حق پڳا
پڻ رسئو آهين من ڪنا اپر گهڻو ايذاءُ

هاڻ ڪجاڙو چئي گڏجان آءُ مير محمد کا
جه ڪري من ڏونهه نظر رحمتا

تڏهن ابوسفيان کي سيڪارئو علي شاه(1)
چي حضرت يوسف کي جن پائرين ڪيو هو ايذا

سي جڏه گڏئا موٽي حضرت يوسف کا
منج ايام سلطنت جي جن هئو پاتشاه

تڏه هن پر چئي لفظ هي ڪٽيس وجي گڏئا
تالله لقد آثرک الله علينا ون کنا لخاطئين ڪيئو قرآنا

هاڻ تن پڻ چئج اينهيئن ٻئو ڪج ڪيم مها
تان پي ابوسفيان الفاظ هي جڏه اچي عرض ڪئا

تڏه سيد پڻ سوئي جواب ڏنو مرسل وري مهندا
جو جواب فرمائيو هئو پائرن کي يوسف صديقا 4

يغفر الله لکم وهو ارحم الرٰحمين اهڙي طريقا
تن ابوسفيان ۽ پٽس ٻئو جعفر جہ جو ناءُ

تن ٻنين پيغمبر ڪريم وٽ آندو اسلاما
قبل فتح مڪي جي منج تهين ابواء

سي ابو سفيان به هئا سکي ياد ڪجاء
هيڪڙو ابو سفيان اي جو هاشمين منجا

ڀيو ابو سفيان پٽ حرب جو، جنهن نالو صخر آه
جو والد امير معاويه جو اموين منجا

ايندو ذڪر جنهن جو هاڻي پڇاڻان هنئا
تان پي رسئو مر الظهران ڪي جڏه رسول خدا

وادي فاطمة جنهن ماڳ جو مشهور نالو آ
تڏه ٿي شخص پيغمبر ڪريم ڪي تت آڏا آئيا

ڪنا اهل مڪي جي قريشن منجا
هيڪڙو ابوسفيان پٽ حرب جو جنهن نالو صخر آه

ججهيون جنگيون جنهن سين پيغمبر خدا) (1
۽ ٻيو حڪيم پٽ ابي حزام جو پوٽو خويلدا

جو بي بي خديجة ڪبريٰ جو سڳو ڀائيٽو آه
۽ ٽئو بديل خزاعي جو پٽ سندو ورقاء

سي ٽئي مڪي معظم منجائي نيت ڪري نڱئا
ته ماڙ- ساڪين آهين جي اهل مڪي جا

تن ڪارڻ وٺهون امن وجي پيغمبر ڪريم ڪنا
ته مرڻ مٿان موقوف ٿي حرم جي حرمتا

تان پي تنين ٿنين چڙن تت آندو اسلاما
حضرت امير عباس هٿا منج خدمت رسول خدا

تن هيڪڙو ڏينہ مهند سي مڪي جي فتحا
آئيا ٿيئي اسلام ۾ ٿيا صحابن منجا

تان پي سڏ ڦيرائيو امن جو پيغمبر خدا
مڪي جي واٽ ۾ اهڙي طريقا

ته داخل ٿيندو شخص جو منج مسجد حراما
سو شخص ڦرڻ مارڻ ڪنا امن وارو آه

۽ جو گهر ۾ ابوسفيان جي داخل ٿيندو ڏارا
سو پڻ شخص قتل ڪنا امن وارو آه

۽ جو پيهي پهچي گر ۾ پو ايندو در ڪا
سو پڻ امن وارو ٿئو بچئو مرڻ ڪنا

ان پر اي ڪيو امر پيغمبر خدا
سو سڏ ابو سفيان بن حرب وڏو پاڻ منج شهرا

تيلانہ پنجني امورن ڪري اي ماڙو مڪي جا
اڪثر آئيا سڀ امن ۾ چڻا قتل ڪنا

مگر قتل نيرھن ڄڻن جو مرسل ڪيو مباح
منجا اھل مڪي جي ڪڪي تنئو سواءِ

فرمايائون تن جي شان ۾ ھن پر زبان منجا) (1
چي جيڪو گڏجي اُنين سين منج ڪہ مڪانا

سوَور جان ڪيئن قتل ڪري، فرصت ڪري ۾ ڪا
نوَ مڙس چيائون تنين منجا ۽ ڇھ عورتون لکن ٿا

نالا تنين سپني جا سکي ياد ڪجاه
ھيڪڙو عڪرمه پٽ ابوجھل جو ۽ ٻئو عبدالله

جو پٽ سڳو سعد جو پوٿو ابي سرحا
۽ ٽئو ھبار تن منجا پٽ اسود لکن ٿا

۽ چوٿو ڪعب پٽ زھير جو پوٿو ابي سلما
بانت سعادة قصيدو جہ جوڙئو آه

۽ پنجو عبدالله پٽ خطل جو لکن تنين منجا
ڇھو مقيس پٽ صبابة جو ھيين سين ھٽجاه

ستو حويرث پٽ نقيد جو پوٿو قصي آه
۽ اٺو وحشي پٽ حرب جو حبشين منجا

اصل جبير بن مطعم سندو جو هئو غلاما
حضرت امير حمزو شهيد ٿئو احد ۾ جنہ هٿا

۽ نوئو حارث پٽ طلاطيلة خزاعي سندو آه
اي نوئي چڙا پيغمبر واجب القتل چيا

باقي جي چھ عورتون سڻھو نالا تنين جا
هيڪڙي هند ذيءَ ڪتبة جي آهي تنين منجا

ابو سفيان بن حرب جي عورت هئي جا
۽ حضرت امير معاويه جي سڳي والدا

بي پڻ عورت تنين منجا چيائون سارا
هئي قريشين سندي آجي ڪئل جا

نئو ٿي خط جهين قريشين ڏونہ حاطب جي پارا)(1)
۽ بيون پڻ عبدالله بن خطل جيون به ٻانيون لکن ٿا.

جي ڳئنديون هيون سرود ۾ ابن خطل مهندا،
حقارت حضرت پير جي ۽ پڻ اهانتا.

تن منجا نالو هيڪڙي جو لکڻ قريبة ٿا
۽ هئو ٻئيءَ ٻانيءَ سندو نالو فرتنا

پر قريبة ۽ ارنب ۽ اُم سعد جا
سي ٿيئي ڪفر تي قتل ٿيون پر آندائون نه اسلاما.

۽ سارا جي اسلام ۾ پڻ اختلاف لکن ٿا،
ڪنين چيو ته سارا تہ آندو اسلاما

۽ ڪنين چيو ته قتل ٿي اتي سندس ڪفرا
آهي بذل القوة ۾ اهڙي عبارتا

۽ پڻ آهي ڪتابن ۾ اهڙي اخبارا
ته جڏه احمد اوڏو آئيو مرسل مڪي ڏانہ

۽ پانيائون ته داخل ٿي هاٹي مڪو ڪريهون فتحا
تڏھ آئيا تہ چاڙهيءَ ڪنا ڏئا ڏٹيءَ جا

اوڏڙي حجون ۽ مغلا ڪي، آهي جا لڪي مٿا
تن ڪارو نيزو مهند ۾ هئو سين حضرتا

۽ پڻ زرھ ڍڪي هئي لوھ جي مير محمد ڪا
مٿي مبارڪ تي هئي ٻئيءَ زرھ مٿا

جو ڪنگور هوندو هو ڪامل جو مغفر مبارڪا
تہ مغفر مٿا ٻڌو هو ڪارو دستارا

۽ ڪنين چيو ته داخل ٿيءُ منج مڪي معظما
تان پي ٻڌائون پاڳ سا لاهي مغفر مٿا

تن احرام ٻڌو ڪين هئائون تہ ڏينہ احمدا
بلڪ ريهين احرام رسول کي حل ٿئو حراما

پر پهرائي خالد بن وليد کي مڪو محبوبا
ساڻ فوج صحابن جي ڏونہ مڪي معظما(1)

۽ پاڻ مٿي حجون وٺ نيزو کوڙي اپٺا
تن خالد مڪي منج آئيو لهي جان مئا

تان صفوان پٽ اُميہ جو ۽ سهيل پٽ عمرا
پڻ عڪرمة پٽ ابوجهل جو سي سامهان ڪٽيس آئيا

تن سين خالد قتال ڪيو منج تہ مڪانا
تيلانہ چوئيہ ۽ اٺائيہ ڄٽا ڪافر تت ڪٺا

باقي ڀڳا سپيئي اٿي ڪري پڳا
۽ مومنن منجا پڻ ٻه ڄٽا شهادت رسئا

هيڪڙو ابو صغر جيش پٽ خالد خزاعي آه
بي بي ام معبد سندو سڳو هئو جو پاءُ

جہ ام معبد اسلام آندو ھو پيغمبر مھندا
جڏھ مرسل مڪئا مديني ڏونہ ٿي وھيو تہ وقتا

۽ ٻئو ڪرز پٽ جابر فھريءَ سندو آہ
تيلانہ چڙھئو رسول رب جو سڻي خبر سا

سوار ٿي اٺ تي نالو جھين قصويٰ
تن ھيڪڙي پارا حضرت جي ھئو سچو صديقا

۽ ٻي پارا اُسيد ھو، جو پٽ حضيرا
تن وچ ھلئو آئيو مير محمد شاھ

۽ پئو ڪٺڪ سپ ويڙھئو آئيو چوڌارا
تن اِنا فتحنا ۽ اِذا جاءِ ٿي پڙھي رسول خدا

جنين منج مڪي جي فتح جو آھي مذڪورا
تان پي مرسل مڪي معظم ۾ ٿئو داخل دوس خدا

تن پيھي پريندھين آئيا منج مسجد حراما(1)
ڪارڻ طواف ڪعبي جي جو پلو بيت الله

تان چوڌار ڪعبي شريف کي آھين بت رکئا
جي ٿي سئين سٺ ھئا بت ھيڪاندا

جڙئا جواهر جن ۾ ۽ قلعي ڏني مٿا
وڏو هبل هئو تن ۾ جو سامهه ڪعبي ڪا

۽ ٻئو پڻ بت آساف هئو مٿي جبل صفا
ٽئو نائلهه صنم هئو مٿي مروتا

ذبح ڪندا هئا قربانيون قريش جنين مهندا
ته سڀ ڪه بت ڏونه اشارت ٿي ڪئي احمدا

هٽئو سڀ ڪه جي اڪ ۾ گوشو ڪماتا
پڻ پڙهئائون ٿي زبان سين هي الفاظ مبارڪا

جاءِ الحق وزهق الباطل اِن الباطل ڪان زهوقا ڪڍئو قرآنا
تن صنم سڀ ڪو پسئو پيغمبر ڪريم ڪا

پاٽهين ڪرئو پئو پٽ تي مرسل ڪي مهندا
نه ڪه چتن هٿ نه ڪو نه ڪه ڪير آئيا

مگر حڪم سين حڪيم جي پاٽهين ڪرئو پئا
معجزو مير محمد جو ٿئو مشهورا

تان پي وجي هيڪڙو بچئو بت تنئا
ڪوڙئو خزاعن جو هئو لوهجا هٽي ڪيرا

سڳوري ڪعبي جي سطح شريف مٿا
سو گهڙائيو ڪنجهي جو ڪافرن هئو سڄوئي صنما

تہ ڪارڻ امير عليءَ کي چيو رسول خدا
چي: يا علي وه تن ڪعبي شريف وٽا

ته اسين چڙي لاهيون هيءُ بت بيت مٿا(1)
تڏھ ويٺو ڪعبي اڳيان جان علي شاھ شجاع

ۼ پير پيغمبر ڪريم رکئو سند هيس ڪلهي مٿا
تان امير عليءَ دانہ ڪئي چي يار رسول الله

آءٌ کڻئو نه سگهان آنهنجو بار نبوتا
من کي آهنجي کڻڻ جي طاقت آهي نہ ڪا

تڏھ ورنہ ويٺو آلني ڪعبي شريف وٽا
تان پي چاڙهئائون امير ڪعبي تي پهچي ڪلهي مٿا .

تن وجي اکوڙي پٽ سو ڪعبي جي پٽ تان
اڇلي وڌو زمين تي حضرت علي شاھ

تيلانہ پورا ٿئو پڇي سو ٺڪر ٺڪر جدا
تان پي ڪيائي بت سپ ڪعبي شريف منجا

جيڪي ماڙو گهرن ۾ هئا پوچيندا
ٻئا پڻ چوڌار مڪي کي جيڪي ڳوٺ هئا

مرسل مڪا تن ڏونہ لشڪر چاڙهي پهجا
تن پڇي ڪيئا بت سڀ وجي گهرن منجا

تان پي چاڙهي ڪعبي شريف تي حضرت بلالا
ٻانگ ڏئاري وڏي سڏ پيغمبر خدا

تن غلبو ٿئو دين جو منج مڪي معظما
اپر ٿئو اسلام جو عرب منج اُهاء

پڇي پاڙ ڪفر جي وڍي وڌائون سا
تن احمد اُلٿو خيف ۾ هئو حضرتا

ابطح ۽ محصب پڻ چون جہ کي ٿا
مشهور وادي آهي جا مڪي کي ٻهرا

تتا سڀ ڪہ وقت ايندا هئا منج مسجد حراما
ڪارڻ پڙهڻ نماز جي ۽ پڻ طوافا

تان پي جڏه ٻئو ڏينہ ٿيو فتح پڄاڻا(1)
تڏه پڙهئو پيغمبر خطبو اپر عجيبا

بيان ڪئائون تہ ۾ آداب مڪي مبارڪ جا
هن پر فرمائيائون تہ ۾ مبارڪ مها

چي:تحقيق مڪي معظم ۾ جنگ ڪرڻا حرام آه
ڪنا تهين ڏينہ جن عالمن الله

اُپ زمينون خلقئا پهجي قدرتا
سا به هوندي جنگ قيام سينئن منج مڪي حراما

جن مور نه ٿئي هئي ڪہ ڪي سا حلال اسان ڏارا
۾ نڪي ٿيندي ڪارڻ ڪهين ئي اسان پڇاڻا

موٿي مڪي معظم ۾ جنگ حلال سا
مگر محض رعايت رب ڪئي ئي اها هنجي الله

جن حل ڪيائين اسان ڪي منج مڪي جي حرما
و انت حل بهذا البلد انهيءَ اهجاڻا

ارڙھ ڪ اوڏيھ راتيون تت رهيون رسول خدا
تيلانہ آئيا گهڻا اسلام ۾ ماڙهو مڪي جا

پاند نه پرو جہ جو ٻهر اندازئا
مڙس عورتون ڳپور پڙ جوان ۾ پرئا

جيهين عثمان پٽ طلحہ جي آندو اسلاما
جو پوٽو ابي طلحہ عبدري جو قريشي حجبي آه

۽ پڻ آندو اسلام کي تہ جي والدا
سلافة ڏيءَ سعيد جي جا اوسين منجا آه

کنجي اصل ڪعبي جي، جي هوا سانديندا
تان پي ڪامل کنجي تن ڪنا جڏه ورنہ ورتي سا

تڏه موليٰ مڪي ڪارڻ تنين هيءَ آيت اپنئا(1)
اِن الله يا مرکم آن تؤ دوا الامانات اليٰ اهلها قادر ڪلاما

ته آگو فرمائي ٿو آن کي يا رسول الله
جن ڏهو امانتون ڏٽين کي ئي موٽائي مفتاح

تن آندو ايمان سپني پيغمبر منهدا
پر اسلام اصح قول ڪري سندو تہ عثمانا

ست مهينا آڳاٽو هئو مڪي جي فتحا
آهي وڏن علمائن جي انهيءَ تي فتويٰ

۽ پڻ شيبة پٽ عثمان جي آندو اسلاما
جو پوٽو ابي طلحة عبدري جو پڙپوٽو عبدالعزيٰ

پڻ شيبة، چاچي پٽ عثمانا
بن طلحة جو، جي ڪنجي هوا رکندا

تان پي تہ شيبة کي ڪنجي ڪعبي جي سا
ڪوٺي عثمان بن طلحة ڏني وقت وفاتا

چي هاڻ تو ڪن هوءِ ور هيءَ ڪنجي پچاڻا هنا
تيلانہ بني شيبة جي، سي اُن شيبة جا پوٽا

تن ڪن خدمت ڪعبي سندي، اڄ سينءَ انهيءَ آه
جيهين چاڻي ٿو سڀ ڪو منج عرب ۽ عجما

۽ پڻ حيي پٽ حارث جي آندو اسلاما
جو پوٽو جاريہ سندو ثقفين منجا

ٿئو هو شهيد جو منج تمامي شهرا
هئو خليفو جن ڏينهن ۾ سچو صديقا

۽ پڻ عثمان پٽ عامر جي آندو اسلاما
جو والد حضرت صديق قريشين منجا

ڪنيت جہ عثمان جي ابو قحافة آه(1)
تہ عثمان کي وٺي آئيو حضرت صديقا

منج خدمت رسول ڪريم جي ته آڻي اسلاما
تيلانہ نصيب نعمت سا برڪت حضرتا

۽ پڻ حارث پٽ هشام جي آندو اسلاما
جو پوٽو مغيرة مخزوميءَ جو، سڳو ابوجهل جو ڀاءُ

۽ پڻ وحشيءَ پٽ حرب جي آندو اسلاما
جو قاتل امير حمزي سندو هئو منج احدا

۽ پڻ آندو حڪم بن حزام جي پٽن اسلاما
هاشم خالد عبدالله ٽيون ۽ چوٿون پڻ يحيٰ

جن حڪم، مرالظهران ۾ هو آندو اسلاما
تيلانہ پيءُ پڇاڻان پٽ پڻ سڀ اسلام ۾ آئيا

۽ پڻ زينب ڌيءَ عوام جي آندو اسلاما
جا انين پٽ جي والدا ۽ حڪيم جي حرما

۽ پڻ ابو و داعة حارث آندو اسلاما
جو پٽ حبرة بن سعيد جو قريشين منجا

۽ پڻ مطلب پٽ ابي وداعة جي آندو اسلاما
فتح مڪي جي ڏينہ ۾ تہ والد پڇاڻا

ء پڻ ابوجهم پٽ حذيفة جي آندو اسلاما
اختلاف جہ جي اسم ۾ عالمن سندو آہ

ڪنين چيو عبيد سو ڪي عامر چونس ٿا
سو ابوجهم حضرت عبدالله جو هئو مايو پاءُ

جو عبدالله پٽ امير عمر جو پوٽو خطابا
ء پڻ يعليٰ پٽ امية تميمي جي آندو اسلاما

يعليٰ بن منبہ جہ کي پڻ چوندائي هئا
ء پڻ عبدالله پٽ ربيعة جي آندو اسلاما

جو پوٽو مغيرة قريشي جو مخزومين منجا(1)
عياش بن ابي ربيعة جو سڳو هئو جو پاءُ

ء پڻ ابو شريح خزاعيءَ، ڪعبي اڳيان آندو اسلاما
آهي جہ جي اسم ۾ اختلاف علماء

ڪنين خويلد بن عمرو چيو، ڪي پيو ڪين چونس ٿا
ء پڻ ابوالسنابل پٽ بعڪڪ جي آندو اسلاما

جو پوٽو حارث عبدري جو قريشين منجا
آهي صحيح بخاري ۾ جہ جو مذڪورا

۽ پڻ عامر پٽ ڪرين جي آندو اسلاما
جو پوٽو ربيعہ بن حبيب جو قريشي عبشي آه

۽ پڻ رڪانہ پٽ عبد يزيديءَ جي آندو اسلاما
جو پوٽو هاشم بن عبدالمطلب جو لکن ڪتابا

پڙ پوٽو عبد مناف جو قريشي مطلبي آه
هئو جو بهادر قريشين ۾ قوي قوتا

تيلانہ ڪشتي ڪو نه وڙهندو هو ساڻس ڪو شجاع
تان پي جڏه سو ڪشتي وڙهئو سين پيغمبر خدا

تڏه حضرت تہ کي کٽي هنيو ٻه ڪي ٽي مرتبا
ايندو شجاعت جي باب ۾ تہ جو تفصيلا

۽ پڻ سهيل پٽ عمرو جي آندو اسلاما
جو پوٽو شمس جو لکن ڪتابا

پڙ پوٽو عبد ودَ جو قريشي عامري آه
هئو مڪي جي قريشين ۾ جو سردارن ڪنا

ڪئي هئي ڪتابت لکندي جہ مرسل کي منعا
جڏه لکئائون ٽي حديبية ۾ خط سندو صلحا

چي: هذا ما قضيٰ عليہ محمد رسول الله ان جو لکايو آه
تہ منجا لاهي لفظ رسول جو تان پي پچاڻان تها

لکايو ڪتابت ۾ منج تہ مڪانا
هذا ما قضيٰ عليہ محمد بن عبدالله اهڙي طريقا

تن لاهي لفظ رسول جو هٿ سين حضرتا(1)
موٽي لکايائون تيهين جيئن چيو سهيل مها

جيهين صحيح بخاريءَ ۾ تفصيل تہ جو آه
تہ سهيل کي پڻ نصيب ڪئي آهي هدايتا

تيلانہ ڏينہ فتح مڪي جي آندائين اسلاما
آڳي ڪيو احسان سين اصحابن منجا

۽ پڻ سهل پٽ عمرو جي آندو اسلاما
جو سهيل بن عمرو جو سڳو هئو ڀاءُ

۽ پڻ مسيب پٽ حزن جي آندو اسلاما
جو والد سعيد بن مسيب جو، پوٽو ابي وهبا

ڪنا قبيلي قريشين جي مخزومين منجا
۽ پڻ حڪم پٽ حزن جي آندو اسلاما

جو چاچو سعيد بن مسيب جو ۽ سندو مسيب پاء
۽ پڻ حزن بن ابي وهب جي آندو اسلاما

جو والد مسيب ۽ حڪم جو پڻ ڏاڏو سعيدا
مارئو احد جنگ ۾ جه ڪي رسول خدا

۽ پڻ حڪم پٽ ابوالعاص جي آندو اسلاما
جو پوٽو اُميہ ابو مروان جو قريشي اموي آه

۽ پڻ ابو هاشم پٽ عتبة جي آندو اسلاما
جو پوٽو ربيعہ عبشي جو، قريشين منجا

پڻ مامو امير معاويه جو، ابي حذيفة سندو پاء
جو ابو حذيفة پٽ عتبة جو پوٽو ابيحا

۽ پڻ مصعب بن عمير جو، سو ابو هاشم مايو پاء
ڪتاب بذل القوة ۾ آڻي ٿو اها

۽ پڻ عبد پٽ زمعہ جي آندو اسلاما
جو پوٽو قيس بن عبد شمس جو، قريشي عامري آه

بي بي سودة بنت زمعة جو سڳو هو پاء(1)
جا بيبي حرم حضرت جو مومنن جي ماءُ

قسطلانيءَ ۾ شرح بخاري جي آڻي ٿو اها
۽ پڻ حزيم پٽ فاتڪ جي آندو اسلاما

جو پوٽو اخدام اسدي سندو لکئن ڪتابا
پر آهي صحيح قول ڪري، ان پر روايتا

ته حزيم ۽ سبره ٻئو، جي پٽ فاتڪ جا
تن ٻنين مهند مڪي جي فتح ڪنا هئو آندو اسلاما

تيلانہ بدر جنگ ۾ پڻ حضرت سان هوا
آهي بذل القوة ۾ اهڙي عبارتا

۽ پڻ ايمن پٽ ضيم جي آندو اسلاما
پوٽو جو فاتڪ جو هئو ننڍو جوانا

۽ پڻ ابو واقد ليثيءَ آندو اسلاما
نالو حارث جہ جو پٽ عوف لکن ٿا

پوٽو جو اُسيد جو قريشين منجا
۽ ڪنين چيو ته حارث تہ هو، آندو اسلاما

قبل فتح مڪي جي آڳاٿو انها
۽ پڻ عتاب پٽ اُسيد جي آندو اسلاما

جو پوٽو ابوالعيص جو پوٽو امينا
ڪنا قريشين مڪي جي اُموين منجا

۽ پڻ عبدالله پٽ زبعري جي آندو اسلاما
جو پوٽو قيس قريشي جو مهمي شاعر آه

اصل هوندو هئو عدو جو سندو رسول خدا
تان پي هدايت ڪٽيس نصيب ڪئي الله

۽ پڻ عبدالله سعد پٽ جي آندو اسلاما
جو پوٽو قيس قريشي جو سهمي شاعر آه

اصل هوندو هئو عدو جو سندو رسول خدا
تان پي هدايت ڪٽيس نصيب ڪئي الله

۽ پڻ عبدالله سعد پٽ جي آندو اسلاما
جو پوٽو ابي سرح جو، امير عثمان جو رضاعي پاءُ

قتل جہ جو حلال ڪيو هئو حضرتا
سبب انهيءَ عبدالله تہ، هئو آندو اسلاما

پڻ هوندو ڪاتب الوحي سو منج خدمت رسول خدا(1)
تان پي موٽ مرتد ٿيو، ڦريو دين ڪنا

تہ ڪري قتل واجب ڪئو سندس سيدا
تہ پڇاڙان مڪو فتح ڪيو جڏھ رسول خدا

تڏھ آندو عبدالله تہ اسلام پيھارا
تيلانہ اُتانس قتل ڪيو مرسل موقوفا

تن ثابت ھئو اسلام تي تھين پڇاڙا
۽ پڻ عقبة پٽ حارث جي آندو اسلاما

پوٹو جو عامر جو قريشي نوفلي آه
ابو سروعة جہ جي ڪنيت لکن ٿا

تہ ناحق خبيب بن عدي کي ڪيو ھو قتلا
جو خبيب صحابي جليل ھئو اڪابرن منجا

تان پي ھدايت نصيب ڪئي تہ عقبة کي الله
تيلانہ اسلام آندائين تن ڏينھن ۾ جن مڪو ٿئو فتحا

پڻ حويطب پٽ عبدالعزيٰ جي آندو اسلاما
جو پوٹو ابو قيس عامريءَ جو قريشين منجا

۽ پڻ خالد پٽ اُسيد جي آندو اسلاما
جو پوٹو ابوالعيص جو، پڙ پوٹو اميتا

ڪنا قريشين مڪي جي اموين منجا
عتاب بن اُسيد جو هو خالد سڳو ڀاءُ

گذرئو جهين ڪتاب جي اسلام جو ذڪرا
تہ خالد سگهي وفات ڪئي بعد اسلاما

فتح مڪي جي ڏينہ ۾ ڪيائين رحلتا
۽ پڻ ام حڪم اسلام آندو، نالو، جهين بيضاء

ڌيءَ حارث بن هشام جي، مخزومين منجا
جا عورت هئي عڪرمة جي، جو پوٽو ابوجهلا

پڻ هيءَ تہ عڪرمہ جي سڳي چاچي ڌيءَ سا(1)
تہ ام حڪيم ڀهريائين آندو اسلاما

تان پي عڪرمة اسلام آندو ڪن ڏينهن پڇاڻا
هٿان ام حڪيم تہ جا سنديس عورتا

۽ پڻ صفوان پٽ امية جي آندو اسلاما
جو پوٽو خلف جمحي جو قريشين منجا

پيءُ جہ جو قتل ٿئو بدر جي ڏينها
جو امية پٽ خلف جو ڪفارن منجا

۽ پڻ هبار پٽ اسود جي آندو اسلاما
قتل جه جو واجب ڪيو هئو حضرتا

۽ پڻ سنين پٽ فرقد جي آندو اسلاما
ابو جميلة ضمري ڪنيت جه جي آه

۽ پڻ عبدالله پٽ شخير جي آندو اسلاما
ابو مطرف عامري ڪنيت جه جي آه

عامر بن صعصعة جي ڪنا اولادا
۽ پڻ مطيع پٽ اسود جي آندو اسلاما

جو پوٽو حارثه عدوي جو قريشين منجا
اصل عاصي جه جو هئو ئي اسما

تان پي آندائين اسلام جڏنه پيغمبر مهندا
تڏنه نالو مطيع ته جو رکئو رسول خدا

ته حلق ڪئو هئو حضرت جو مٿو مبارڪا
جڏنه حجتة الوداع ڏونه آئيو احمدا

۽ پڻ بي بي ام هانيءَ آندو اسلاما
جا پيڻ امير عليءَ جي ابو طالب جي عاجزا

فاختہ نالو جہ جو لکن ڪتابا
ءِ پڻ حضرت معاويه آندو اسلاما

جو پٽ ابو سفيان قريشي جو اموين منجا
صخر بن حرب اسم جه ابو سفيان سندو آه

تہ حضرت معاويه اڳ پڻ هئو آندو اسلاما(1)
بعد صلح حديبيہ جي پيغمبر مهندا

پرتا سينءَ لڪايائين ٿي اسلام سو ماڙوئن ڪنا
جانسينءَ مڪو فتح ڪيو پيغمبر خدا

تہ پڇاڻان فتح جي ڏينهن ۾ ظاهر ڪيائين تہ ڪا
ءِ پڻ يزيد پٽ ابوسفيان جي، آندو اسلاما

جو حضرت معاويه سندو پيئيو هئو ڀاءُ
ءِ پڻ افضل هئو اصحابن ۾ ڀلارن منجا

ابو سفيان جي اولاد ۾ پڻ افضل هئو سپنئا
تيلانہ يزيد الخير هئا تهين کي چوندا

ابو الحڪم ڪنيت سنديس لکن ٿا
ءِ پڻ هند ڌيءُ عتبة جي آندو اسلاما

جا عورت ابوسفيان جي امير معاويه جي ماءُ
۽ پڻ عتبة ۽ معتب ٻنين آندو اسلاما

جي پٽ ابو لهب جا، جو چاچو حضرتا
تبت يدا ابي لهب منج شان جہ جي آه

۽ پڻ درة ڌيءَ ابو لهب جي آندو اسلاما
جا عتبة ۽ معب جي سڳي همشيرا

پر عتبة پٽ ابو لهب جو ٿئو سندن جو ڀاءُ
تہ کي رسول رب جي ڪئي بي دعا :

اللهم سلط عليہ ڪلباً من ڪلابڪ اي چئي الفاظا
سبب سند هيس عداوت جي ڪندو هئو ايذاء

تيلانہ نصيب نه ٿئي تہ کي هدايتا
بلڪ مارئو سينہ سو، منج شام جي زمينا

قتل ٿئو ڪفر تي پر موٽئو نه هورا(1)
تان پي ابولهب پڻ لڏئو ٻئي ڪافر ٿي مئا

آهي بذل القوة ۾ اهڙي عبارتا
۽ پڻ فتح مڪي جي ڏينهن ۾ لکن ڪتابا

ته آئي بيبي ام هاني منج خدمت رسول خدا
اچي چيائي پيغمبر ڪريم کي. چي يا رسول الله

هيءُ جو ماءُ- پٽ مهنجو امير علي آه
سو ٿو پائي ته قتل ڪريان تن ٻنين ڄڻن کا

چي ٻه مڙس مهجي گهر ۾ مون آهين بچايا
پڄي لڪا آهين جي آتهنجي خوف کنا،

هاڻ ڪه پر فرمائيو هي شرم آهنجو آه
تڏه پيغمبر جواب ڏنو بي بي کي مهندا

چي: بي بي تهجي گهر ۾ پڄي جي لڪا
مرڻ موقوف تن تا، اوءِ اسان ڪئا آجا

جن جن کي تو امن ڏنو، سي ٿئا امن وارا
تن منجا مڙس هيڪڙو حارث لکن ٿا

جو پٽ هشام مخزومي جو، ابوجهل جو ڀاءُ
ٻيو زهير چون هئو پٽ ابي اميتا

پوٿو مغيرة سندو مخزومين منجا
جو ڀاءُ بي بي ام سلمة جو، جا مومنن جي ماء

تان پي تن کي امن ڏنو جڏنہ احمدا
تڏنہ آئيا اسلام ۾ ٻئي پيغمبر مهندا

برڪت بي بي ام هاني جي بچئا مرڻ ڪنا
آگي ڪين احسان سين نصيب هدايتا

پر جي بعضي چون ٿا منج ان مڪانا
ته بي بي ام هاني ٻه چٽا جي بچايا هئا

تن منجا هيڪڙو هبيرة هئو پٽ ابي وهبا(1)
جو گهر وارو بي بي ام هاني جو مخزومين منجا

۽ ٻئو جعدة پٽ هبير جو سڪي ياد ڪجاه
جو فرزند بي بي ام هاني جو هئو هبيرة منجا

صحيح نه آهي اي ڳالڙي بلڪ ضعيفا
جن تحقيق جہ ڏينہ فتح ٿئو مڪو معظما

تہ ڏينہ هبيرة پڇي وهيو نجران ڏونہ اتا
جو نجران شهر يمن ۾ آهي مشهورا

تنت تان سين هبيرة اوڏهين ڪئي سڪونتا
جان سين ڪافر ٿي مئوپنس پساها

تيلانہ نصيب ٿئي نه ڪٺيس هدايتا
۽ جعدة تڏھ نديڙو اجا هئو صغيرا

جڏنہ مڪو فتح ڪئو پيغمبر خدا
تيلانہ جائز نه هئو تہ جعدة جو قتل امير کان

جہ قتل ڪارڻ سنبهي رهيو حضرت علي شاه
فتح الباري ۽ شرح مواهب ۾ آٽي ٿو اها

ان پر آئيا اسلام ۾ سپ ماڙو مڪي جا
هرگز رهيو نه حجاز ۾ ڪو مشرڪ زمين مٿا

برڪہ رسول ڪريم جي وهيو ڪفر وچا
تہ اسلام تني ثابت رکين اسان کي تون آگاء

توفيق ڏي طاعت جي واري ونگايا
ڪري خاتمو خير تي سهڪو ڪيڍي ساه

ساڻ لڏائي ڪلمي ايمان سين آگاء
لاِالہ اِلاالله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم

(1) پچا تها: ان کان پوءِ

(1) ڪارڻ: واسطي

(2) تان پي: ان ڪانپوءِ

(3) پايهين: پاويهن

(4) پانئين:پانيائون ته، ارادو ڪيائون ته

(5) پر:طرح

(6) تيلانهه: تنهنڪري

(7) سپنهي:سنپيري

(8) نگٽو: نڪتو

(9) چوڪي: سنپال

(10) پٺ ۾:پوئتان

(11) چاڳلو:حسن صورت ۽ سيرت

(12) هيڪاندا:گڏيل، مليل

(1) ڪئين:ڪين، ساڻن

(2) رسئا: پهتا

(3) سين: تائين

(4) وقوع: واقع ٿيڻ، ظهور، اظهار

(5) سنپورو: سنپريو

(6) مهندا ها:اڳيان

(7) هلائي: موڪلي

(8) ڪتابتا: خط

(9) آجي ڪئل: آزاد ڪيل

(1) الهي: لهي* ڪنا: کان

(2) پروڙ:خبر* ڪٽيس:ان کي* مهندا:اڳيان * ماڳهين:اصل، پڪ، مور * ميندين: وارن* ڪوئنو: گهرايو، سڏايو *ڏارء:ڏر، خوف، پوءُ* او":اهي* ويجها، وڏيڪ پيارا *آگو:الله تعاليٰ* تن ئون:انهن مان

(1) آن ڪنا: اوهان کان * سنگت: تعلق * انين: انهن * ڪرون: خبرون * ايذا: نقصان، تڪليف * ساڪن: رهاڪو

(1) * نت = اُتي * تنين = انهن * جان = جيئن * مان = متان * ڏارا = سواءِ * سهوون = چوڪون، خطائون، غلطيون.

(1) * عفو = معاف * عاصين = ڏوهارين * اپنئا = آسمانن کان، الله تعاليٰ وٽان * هند = هوند، جيڪر نفاق = ڪوٽ * وٽيا = وٽيو * مرهاتا = بخشيل * اپر = تمام * ڪچاڙو = چا * اينهئين = ائين ئي * ڪيم = ڪين * مها = منهن مان، زبان مان.

(1) * بدرين = بدر وارن * آڏا = سامهون * چاچي پٽ = سوٽ * رضائي ياءُ = ٿج شريڪ ڀاءُ.

(1) * قبل = اڳ ۾ * هنئا = هن کان * پچاڙان = پوءِ * ماڳ = جاءِ * ججهيون = گهڻيون * مثان = انهن مٿان، انهن تي * موقوف = معاف * سڏ ڦيرائيو = اعلان

ڪيو * پيهي = گهري، داخل ٿي * پوريندو = بند ڪندو * ٺنئو = انهن ڪان * ورجان = مل جان.

(1) * هيين سين = دل سان * نئو ٿي = ڪٽي وئي ٿي * اُتي = تي * اوڏو = ويجهو، سامهون.

(1) * ڏنا = پسند ڪيل. * لڪي = لڪ * ڪنگور = خوش نما پرجيڪو ٽوپي تي لڳايو ويندو آهي. * ريهين = ري، سواءِ * مغفر = لوهه جو ٽوپ، جو لڙائيءَ ۾ پاتو ويندو آهي. * حل = احرام ڪان ٻاهر اچڻ؛ حلال ٿيڻ. * اپنا = ترسيا. مڪئا = مڪي ڪان.

(1) * دوس = دوست * پريندهين = پهريان * مروتا = مرو (پهاڙ جو نالو) تي * گوشو = پاسو * گهڙائيو = نهرائيو، جوڙايو * ڪنجهو = ذاتوءَ جو قسم * شجاع = بهادر * ورني = گهوٽ، بهادر، حسن سيرت وارو.

(1) * صنم = بت * پسئو = ڏسي * چتن = چهين، هٿ لاتن. * ٺنئا = انهن مان * ڪيرا = ڪير، ڪلا * سطح = مٿاڇري.

(1) * الهي = لهي * اڪوڙي = پٽي * پورائتو = ٺڪر ٺڪر ٺئو * اُهاءُ = روشني * عالمن = جهانن جي * پاند نه پرو = جنهن جو ڪو انت شمار نه هجي؛ بي شمار؛ بي انداز * پرئا = ڪراڙا * ڳپور = اها عورت، جنهن کي ٿڻن تي ٻار هجي.

(1) * اصح = حديث جو هڪ قسم. يعني: صحيح، سچي ۽ معتبر حديث * آڳاٿو = اڳ ۾ * ڪوني = گهرائي، سڏائي. * توڪن هوءِ = توکي هجي.

(1) * ور = پلي * هنئا = هن کان * اچ سينءَ = اچ تـائين * جيهين = جيئين ئـي، جيئن ته * مايو پاءَ = ماٺيلو پاءُ.

(1) * ڪنين = ڪن، ڪـي * ڪين = ڪو، ڪجـهـ * قوي = طـاقتور، بهـادر * قوتا = طاقت ۾.

(1) * تها = ان کان * تيهين = ائين ئي * جيهين = جيئن ئي.

(1) * انها = انـهيءَ کان * عدو = دشمن.

(1) * اُتـانس = مٿـانس، ان تـان * اميتـا = اميـد * سـگهي = جلـدئي * رحلـت = وفات.

(1) * چاچي ڏيءَ = سوٽِ * حلق ڪئو هئو = حفاظت لاءِ گهيري ۾ آندو هو.

(1) * تاسينءَ = تيستائين * جاسينءَ = جيستائين.

(1) * سيئنا = سين کان * سينه = شينهن * ماءُ پٽ = پاءُ.
(1) * پنيس = پڳس، پورا ٿيس * واري = ميٽي، معاف ڪري *ونگايا = ڏنگايون، ڏوهه، خطائون * سهڪو = سولو.

واڌارو
(ضميمو)
خزاعن:

(بنو خزاعه) صلح حديبيه جي عهدنامي موجب مسلمانن ۽ مڪي جي مشرڪن جي وچ ۾ ڏهن سالن تائين جنگ نه ڪرڻ جو عهدنامو ٿيو هو. ان صلح نامي جو هڪ شرط هي به هو، ته مسلمان، قريش جي حليفن ۽ قريش، مسلمانن جي حليفن سان جهيڙو جنگ نه ڪندا. اهو شرط تمام اهم هو، انهيءَ ڪري ڪيترائي قبيلا جيڪي ان وقت تائين فقط قريشن جي دٻاءَ جي ڪري مسلمانن جا مخالف هئا، اهي هينئر کلم کلا مسلمانن جا طرفدار بنجي ويا. اهڙن قبيلن مان هڪ قبيلو"بنو خزاعه" هو، جنهن مسلمانن جي پاڇي ۾ پناه ورتي هئي.

بني بڪر هڪ ٻيو قبيلو هو، جيڪو بنو خزاعه جو دشمن هو. پاڻ سڳورن جي بعثت کان اڳ انهن جي وچ ۾ جنگيون ٿينديون رهنديون هيون. بنو خزاعه جو لاڙو اسلام طرف هو، انهيءَ ڪري هو مسلمانن جي طرف ٿي

ويا. بنوبڪر، مڪي جي قريشن جو پاسو ورتو. صلح حديبيه موجب بنوخزاعه ۽ بنوبڪر کي به پاڻ ۾ امن امان سان رهڻو هو، ۽ هڪ ٻئي تي حملو ڪرڻو ڪونه هو بنوبڪر طاقت ۽ دولت وارا هئا ۽ کين پنهنجي طاقت تي گهمنڊ هو ۽ هنن جي نيت ۾ فساد پيدا ٿيو ۽ قريشين جي پروسي تي هروڀرو بنو خزاعه سان ڇيڙ ڇاڙ شروع ڪيائون. مڪي جي قريشين به صلح حديبيه جو خيال ڪو نه ڪيو ۽ ظاهر ظهور پنهنجي حليف بنوبڪر جو ساٿ ڏنائون. نه فقط اسلح وغيره سان انهن جي مدد ڪيائون، پر هڪ رات اونداهيءَ ۾ بنو خزاعه تي حملو ڪيائون قريشين جي رئيسن مان صفوان بن اميه، عڪرمه بن ابوجهل، سهيل بن عمرو و غيره ويس بدلائي بنو بڪر سان راتاهي ۾ شريڪ ٿيا. بنوخزاعه جي وهم گمان ۾ به اهو ڪو نه هو. هو مقابلو ڪري نه سگهيا ۽ پنهنجون جانيون بچائي وڃي حرم ۾ پناهه ورتائون. پر بنوبڪر ڪعبي ۾ گهڙي کين قتل ڪيو. ان کان سواءِ بديل بن ورقا جو گهر لٽيائون. انهيءَ خوني حملي ۾ بنوخزاعه جا ويهه ماڻهو مارجي ويا.

جنهن رات اهو خوني واقعو ٿي رهيو هو، بنوخزاعه جي ڪن ماڻهن پاڻ سڳورن جو نالو وٺي فرياد ڪئي ته ”اي خدا- محمد(صه) کي اهو وعدو ياد ڏيارينداسون جيڪو اسان جي ۽ انهن جي خاندان جي وچ ۾ ٿيو آهي. اي خدا جا پيغمبر، اسان جي مدد ڪر“.(2)ان وقت پاڻ سڳورا حضرت ام المومنين ميمونه جي حجري ۾ وضو ڪري رهيا هئا. بنوخزاعه جو فرياد ٻڌائون ۽ هڪدم چيائون:”لبيڪ، لبيڪ“. وڏيڪ عجيب ڳالھ اها آهي، ته بنوخزاعه به مڪي ۾ پاڻ سڳورن جو آواز ٻڌو.

انهيءَ ظالمانه ڪاروائيءَ کان ڪيترائي ڏينهن پوءِ عمرو بن سالم خزاعي چاليهن اٺ سوارن سان گڏجي ٻنهي جهانن جي سردار جي خدمت ۾ آيو. هن اهو ظالمانه واقعو بيان ڪيو ۽ هڪ پردرد نظم ۾ پنهنجي مظلومي جو داستان بيان ڪيائين.اهو واقعو ٻڌي کين ڏک ٿيو. فرياد ٻڌي فرمايائون:”عمرو بن سالم، تنهنجي مدد ڪئي ويندي“.

ان کان پوءِ بديل بن ورقا، خزاعن جي ٽولي وٺي پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ آيو. واقعي جا تفصيل ٻڌائيندي، اهو به ٻڌايائين، ته قريشين ڪهڙيءَ طرح بنو بڪر جي مدد

ڪئي. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪين سخت رنج پهتو. قريشين ڏانهن قاصد موڪلي ڪين چيائون، ته هنن ٽن ڳالهين مان جيڪا وڻيو پسند ڪيو:

1- مقتولن جو خون بها ادا ڪيو وڃي،

2- قريشي بنوبڪر جي حمايت ڇڏي ڏين،

3- اعلان ڪن ته صلح حديبيه جو عهدنامو ٽٽي ويو آهي.

قريشين کي اجا تائين پنهنجي طاقت تي گهمنڊ هو. انهيءَ ڪري سوچ ويچار کانسواءِ قرط بن عمر جي زبان تي اعلان ڪيائون، ته اسان کي ٽيون شرط منظور آهي ۽ اسين اعلان ٿا ڪريون ته حديبيه جو عهدنامو ٽٽي ويو آهي.(3)

قريشين جڏهن معاملي تي ٿڌي سيني سان سوچيو ته کين پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. انهيءَ ڪري پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري، هڪدم پنهنجي اڳواڻ ابوسفيان کي آماده ڪري، حديبيه جي عهدنامي جي تجديد لاءِ مديني منور موڪليائون. هو مديني منوره آيو ۽ پاڻ سڳورن، حضرت ابوبڪر صديق رضه، حضرت عمر فاروق رضه ۽ حضرت علي رضه سان جدا جدا ملاقات ڪرڻ گهريائين، پر ڪنهن به کيس جواب نه ڏنو. هو پنهنجي

ڏيءُ ام حبيبه جي گهر ويو. ام حبيبه ٻنهي جهانن جي سردار جي گهر واري هئي. ابو سفيان پاڻ سگهورن جي بستري تي ويهڻ جو ارادو ڪيو ته ام حبيبه بسترو ويڙهي، پري ڪري رکيو ۽ کيس ان بستري تي ويهڻ نه ڏنو. هن پنهنجي ڌيءَ جي ان روش تي کيس ميار ڏني. جنهن تي هن کيس چيو:”هي رسول الله ﷺ جو بسترو آهي ۽ توهان مشرڪ آهيو. مشرڪ نجس هوندو آهي. انهيءَ ڪري مون پسند نه ڪيو، ته اوهان رسول الله ﷺ جي بستري تي ويهو.“

آخر جتان ڪٿان مايوس ٿي حضرت علي رضه جي چوڻ تي مسجد نبوي ۾ وڃي پنهنجي طرفان اعلان ڪيائين ته مان حديبيه جي عهدنامي جي تجديد ڪيان ٿو.(4) ان کان پوءِ هڪدم مو ٽي هليو ويو. جڏهن مڪي ۾ وڃي پنهنجي ساٿين کي سمورو احوال ڪيائين، ته انهن کانئس پڇيو، ته تنهنجي اعلان کان پوءِ محمد ﷺ ان جي تصديق ڪئي يا نه؟ ان تي هن چيو ته: نه. اهو ٻڌي ماڻهن کيس ننديو ۽ کيس چيو ته، ان مان ڪو به نتيجو نه نڪتو. هي ته نه صلح آهي جو اطمينان سان ويهي رهون، ۽ نه جنگ جي خبر آهي، جو لڙائي جو بندوبست ڪريون.

ابو سفيان جي وڄڻ کان پوءِ آنحضرت ﷺ مسلمانن کي تياري جو حڪم ڏنو. حليف قبيلن ڏانهن قاصد موڪليائين. ته هو به تيار ٿي شريڪ ٿين- انهيءَ ڪاروائيءَ ۾ اهو احتياط رکيو ويو ته جيئن ڪنهن کي به خبر نه پوي ته پاڻ سڳورن جو ڪهڙو ارادو آهي ۽ ڪيڏانهن جو قصد آهي. ان جو مطلب اهو هو ته جيئن قريشين کي خبر نه پوي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن ائين ٿيو، ته پوءِ وڏي جنگ لڳندي ۽ خونريزي جا امڪان وڌي ويندا. پاڻ ڪريمن ان خونريزيءَ کي روڪڻ ٿي گهريو، انهيءَ ڪري ڪاروائي کي ڳجهو رکيائون.

روانگي جو ڏينهن:

مخدوم صاحب ڄاڻايو آهي ته، ڏهين رمضان تي اسهيا، پر ڪن 2- رمضان ڄاڻائي آهي. سيرت ابن هشام ۾ ڏهين تاريخ آئي آهي.(5)

ابوسفيان:

ابوسفيان جي نالي وارا به ماڻهو هئا. هڪ ابوسفيان بن حارث بن عبدالمطلب، جيڪو پاڻ سڳورن جو سوٽ هو. ٻيو ابواميه قبيلي جو ابو سفيان بن حرب.”ابواءِ“ جي منزل تي جنهن ايمان آندو، اهو ابوسفيان بن حارث هو.

مرالظهران:

مڪي شريف کان هڪ منزل تي هڪ ڳوٺ هو، جنهن کي واديءَ فاطمہ چوندا هئا.(ان جي نسبت حضرت بيبي فاطمة الزهراء رضي الله تعاليٰ عنها ڏانهن نه آهي، پر انهيءَ نالي واري ڪنهن ٻي عرب عورت ڏانهن آهي.)(6) مرالظهران ۾ پهچي منزل انداز ٿيا، ته فوجون پري پري تائين ڦهلجي ويون.

پاڻ سڳورن جي حڪم تي جدا جدا باهيون ٻاريون ويون، جنهن ڪري سمورو ريگستان روشن ٿي ويو. فوج جي اچڻ جي ڪا ڪڙڪ ته اڳ ۾ ئي قريشين کي پئجي چڪي هئي، ان هوندي به جانچ لاءِ هنن حضرت بيبي خديجه جي ڀائيٽي حڪيم بن حزام، ابوسفيان ۽ بديل بن ورقه کي موڪليو. ٻنهي جهانن جي سردار جي خيمي تي جيڪو ٽولو پهرو ڏئي رهيو هو، ان ابوسفيان کي ڏسي ورتو.(7) حضرت عمر جوش ۾ اچي بارگاه رسالت ۾ آيو ۽ قريشين جي آيل ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي اجازت گهريائين حضرت عباس جان بخشيءَ جي درخواست ڪئي.

ابوسفيان اهو ماڻهو هو، جنهن اسلام دشمني ۾ ڪين گهٽايو هو. مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ وڏا وس ڪيا

هئائين. عرب قبيلن کي جوش ڏياري، مديني منوره تي بار بار حملا ڪرايا هئائين. نه فقط ايترو پر پاڻ ڪريمن کي قتل ڪرائڻ لاءِ ڳجهي رٿ رٿي هئائين. هيڏانهن هن جا اِهي ڪرتوت هئا، ۽ هوڏانهن رحمة للعالمين جي رحمت جو درياهه موج زن هو. ابوسفيان کي ڪن ۾ چيائون:”ڊڄ نه.“ بهرحال ابوسفيان اسلام قبول ڪيو.

اهي ماڻهو، جن لاءِ قتل جو حڪم صادر ٿيو:

مخدوم صاحب اهڙن ماڻهن جو انگ 15 ڏيکاريو آهي. اهو پندرهن جو تعداد حافظ مغلطائي ، مختلف حوالن تان گڏ ڪري ڏنو آهي(8) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به 15 جو عدد ڏنو آهي. ڪن سيرت جي ڪتابن ۾ ڏهن جو عدد آيو آهي.(10) ابن اسحاق اٺ نالا ڏنا آهن(11) ابو دائود ۽ دارقطني جي روايت ۾ فقط ڇهه آهن. (12) بخاري ۾ فقط ابن خطل جو واقعو بيان ڪيل آهي،(13) ان تي مولانا شبلي لکيو آهي ته تحقيق جو دائرو جيترو قدر وسيع ٿيندو وڃي ٿو، اوترو قدر تعداد گهٽبو وڃي ٿو.(14)

اهي ماڻهو جن لاءِ قتل جو حڪم صادر ٿيو، سخت قسم جا ڏوهاري هئا. ان هوندي به انهن مان سٺن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن کي معاف ڪيو ويو. باقي چار ماڻهو قتل ٿيا:

هڪ عورت ۽ ٽي مرد: عبدالله بن خطل، مقيس بن صباب، حويرث بن نقيد ۽ ابن خطل جي ٻانهي قريبه.(15)

فتح جو خطبو:

مڪي شريف جي فتح کان پوءِ ٻئي ڏينهن جيڪو خطبو ارشاد فرمايائون، ان ۾ انسانن کي خطاب ڪندي فرمايائون:

”هڪ خدا کان سواءِ ڪو به خدا نه آهي. اهو هڪ آهي ۽ ان سان ڪو به شريڪ ڪونهي. هن پنهنجو وعدو سچو ڪري ڏيکاريو. هن پنهنجي ٻانهي جي مدد ڪئي ۽ سڀني جماعتن کي اڪيلو ٽوڙي ڇڏيائين. خبردار. هر قسم جو مطالبو، پوءِ اهو خون جو مطالبو هجي، ٽوڙي دولت جو منهنجي پيرن جي هيٺان آهي(يعني منسوخ ۽ ممنوع آهي.) البته حرم ڪعبه جي متوليت ۽ حاجين کي پاڻي جا منصب ان کان مستثنيٰ آهن، يعني جيئن جو تيئن قائم آهن. اي قريش قبيلي جا انسانو! اڄوڪي ڏينهن جاهليت جو غرور ۽ نسب تي فخر ۽ وڏائي، خدا ختم ڪري ڇڏيو. سڀ ماڻهو آدم جي اولاد آهن، ۽ آدم مٽيءَ مان پيدا ٿيو هو.

پوءِ قرآن مجيد جي هيءَ آيت پڙهيائون: يا اَيها الناس اِنا خلقنا ڪم مِن ذَڪَر و اَنثيٰ و جعلنا ڪم شعوباً و قبائلَ لِتعارفوا اِن اَڪرمڪم عندالله اَتقاڪم اِن الله عليم خبير0 (13:99)
(انسانو! مون توهان کي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو، ۽ توهان جا قبيلا ۽ خاندان بنايم، ته جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بي شڪ الله جي آڏو توهان مان وڏيڪ عزت وارو اُهو آهي، جيڪو متقي آهي. بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ، سڀ خبر رکڻ وارو آهي.)
پوءِ فرمايائون: الله تعاليٰ شراب جي خريد و فروخت حرام قرار ڏني(16)
خطبو جيترو مختصر آهي، اوترو جامع آهي. هن خطبي ۾ انسانيت جا صحيح اصول ذهن نشين ڪرايائون. عرب، پيڙهي به پيڙهي، هڪ ٻئي کان پلؤ وٺندي ، ڪيئي خون ڪندا رهندا هئا. پاڻ سڳورن اهڙي جاهلانه ۽ وحشيانه رسم جي خاتمي جو اعلان ڪيو.
عربن کي حسب نسب تي هٺ ۽ وڏائي هوندي هئي. پاڻ ڪريمن رنگ ۽ نسل جي فرق ۽ امتياز کي ميساري ۽ مٽائي ڇڏيو. حقيقي مساوات جو درس ڏيندي، سيکاريائون

ته سڀ انسان هڪ جهڙا آهن- انهن ۾ ڪو به ويڇو، وڇاندر ڪونهي.
خدا جي وحدانيت جو اعلان ڪيائون، ۽ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ سمورن معبودن جي نفي ڪيائون. خطبي جي ابتدا ئي انهيءَ اعلان سان ڪيائون، ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي. اهڙي طرح انسانيت جي ڳچيءَ مان گهڻن خدائن جي غلاميءَ جو ڳٽ، ٽٽي ڪري پيو، ۽ پڇي پور ٿي ويو. انهيءَ ڪري انسان کي، فڪري ۽ عملي آزادي ملي، ۽ سڀني انسانن کي هڪ جهڙو حق مليو.
انهيءَ اعلان انساني ذهن، فڪر ۽ عمل ۾ عظيم انقلاب پيدا ڪيو. انسان کي نيون راهون نصيب ٿيون، صالح ۽ صحتمند معاشري جو پايو پيو، انساني غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان نڪتو، بتن جي آڏو انساني قربانين جو خاتمو ٿيو، رحم، قياس ۽ درگذر ڪرڻ جا قدر انسان ۾ پيدا ٿيا، جنهن ڪري و حشانيت کي ڌڪ لڳو، نئين تهذيب وجود ۾ آئي، ۽ علم، فن ۽ سائنس جي صحيح معنيٰ ۾ ترقي شروع ٿي. ان کان سواءِ شهنشاهيت، آمريت ۽ فرعونيت جي نفي جو اعلان ٿيو. ٻڌايو ويو ته حقيقي حاڪم قادر

مطلق آهي. انهيءَ جا احڪام ئي قانون جو ماخذ آهن. ڪنهن به انسان کي حق ڪونهي، ته پنهنجي زبان مان نڪتل لفظن کي قانون جي صورت ڏئي.

پاڻ سڳورا جيئن ته رحمت للعالمين، بني نوع انسان جا معلم اخلاق ۽ مصلح اعظم هئا، انهيءَ ڪري عصبيت، انتقام، غرور، نخوت ۽ رنگ ۽ نسل جي ويڇي ۽ وچاندر کي حرام قرار ڏنائون. انسانن کي پائپي برادري ۽ هڪجهڙائيءَ جو درس ڏنائون، نه فقط ايترو، پر اعلان کي عملي صورت ڏيندي، مڪي جي ماڻهن کي معاف ڪيائون. اهي ماڻهو جن مسلمانن کي هر قسم جون تڪليفون ڏنيون هيون. عفو ۽ در گذار ڪرڻ جو اهڙو مثال دنيا پيش ڪرڻ کان قاصر آهي.

حوالا

(1) تاريخ طبري اردو ترجمه، جلد اول، ص 387 کان 389، طبقات ابن سعد، اردو ترجمه، ص 474.

(2) سيرة النبي: شبلي نعماني، ج 1، ص 525

(3) سيرة النبي: شبلي نعماني، ج 1، ص 526، بحواله زرقاني، ج 2، ص 326.

(4) سيرة النبي: ج 1، ص 526، بحواله زرقاني: عليٰ المواهب ج 2، ص 337.

(5) سيرة ابن هشام، حصه دوم، ترجمه، ص 473. سيرة النبي، ج 1، ص 527.

(6) بذل القوة: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، اردو ترجمه، لاهور، 1976ع ص 274.

(7) سيرة النبي، ج 1، ص 528، بحواله صحيح بخاري، شرح صحيح بخاري: حافظ ابن حجر ۽ تاريخ طبري.

(8) بحواله سيرة النبي، ج 1، ص 528.

(9) بذل القوة، اردو ترجمه،

(10) طبقات ابن سعد، حصه اول، اردو ترجم، ص 476، سيرة ابن هشام، اردو ترجمه، ص 485 کان 487 ۽ سيرة النبي ج 1، ص 528،

(11) بحواله سيرة النبي، ج 1، ص 528.

(12) ايضا

(13) صحيح بخاري،

(14) سيرة النبي، ج 1، ص 528.

(15) طبقات ابن سعد، اردو ترجم، ص 476.

(16) سيرة ابن هشام، حصه دوم، اردو ترجمه، ص 489.

۽ جڏهن (يتيمن) جو مال انهن جي حوالي ڪرڻ لڳو ته (ماڻهن کي) انهيءَ مال جو شاهد بڻايو ورنه حساب وٺڻ لاءِ ته بس الله ئي ڪافي آهي. (القرآن)

*

جيڪي ماڻهو يتيمن جي مال کي خرد برد ڪن ٿا اهي پنهنجي پيٽ ۾ چڻ ته ٽانڊا وجهن ٿا ۽ اهي عنقريب دوزخ ۾ پوندا. (القرآن).